هائير ايڊيوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل

# ڪلاچي

## تحقيقي جرنل


ايڊيٽر : پروفيسر ڊاڪٽر ناهيد پروين

ٻانهن ٻيلي : حبيب الله جاکرو

سڪندر علي ڀنڊ

محمد رياض بلوچ

شمارو : ٻيو، ڊسمبر

سال : ٢٠٢٢ع

ڇپائيندڙ : شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي.

مُلهه : پاڪستان: ٣٠٠ رُپيا

پرڏيهه: ١٠ آمريڪي ڊالر

ISSN Print: **2219-5912**
ISSN Online: **2521-9340**

U.R.L.: **www.krjsalbc.org.pk**
**www.salbc.org.pk**


E-mail : **krj.salbc@gmail.com**
**salbc.ku@hotmail.com**

هائير ايڊيوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل

جلد: پنجويهون - شمارو: ٻيو
ڊسمبر ٢٠٢٢ع

ISSN Print: 2219-5912
ISSN Online: 2521-9340

ڪلاچي
تحقيقي جرنل

**ايڊيٽر**

**پروفيسر ڊاڪٽر ناهيد پروين**

**شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر،**
**ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي**

# ٻه اکر

ڪلاچيءَ جو سال 2022ع جو ٻيو شمارو حاضر آهي. پنهنجي اُستاد پروفيسر محمد سليم ميمڻ جي هدايتن ۽ نگرانيءَ ۾ هن شماري کي ايڊٽ ڪيو اٿم. ڪلاچي آن لائين به آهي، ۽ هن شماري کي شايع ڪرائڻ جو به رٿيو ويو آهي. بنيادي طور تي .H.E.C جن تحقيقي جرنلن کي Recognise ڪري ٿي، انهن کي مالي مدد به مهيا ڪندي اهي، ته جيئن اهي پنهنجا خرچ پورا ڪري سگهن، جن ۾ اشاعت، ماهرن جو معاوضو، عالمن ۽ اديبن، ۽ ليڪڪن کي ٽپال يا ڪوريئر وسيلي تحقيقي جرنل موڪلڻ جا خرچ شامل هئا، پر هاڻي هائر ايجوڪيشن ڪميشن ڇپائي ۽ ٽپال جا خرچ ڏيڻ بند ڪري ڇڏيا آهن. اهڙي صورت ۾ وڏا ادارا به پنهنجي هڙون ۽ وڙون اهي خرچ برداشت ڪري سگهن، پر يونيورسٽين جا سنڌي شعبا يا شاهه لطيف چيئر گذريل ڇئن پنجن سالن کان يونيورسٽين کي ملندڙ امداد ۾ ڪٽوتي، سبب يونيورسٽي کي سخت مالي بحرانن ۾ آڻي بيهاريو آهي، جتي ملازمن کي پگهار ڏيڻ به ممڪن نه رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ڪلاچي شايع ڪرائي، عالمن ۽ اديبن کي موڪلڻ ڏکيو ڪم آهي. سنڌي کان سواءِ ٻين شعبن جي شايع ٿيندڙ جرنلن جا ايڊيٽر/ادارا محققن کان تحقيقي مقالو شايع ڪرڻ لاءِ تمام گهري في وٺندا آهن. تنهن ڪري ان تي اشاعت ۽ ٻين خرچن جو بار نه پوندو آهي. اسان به گذريل سال تحقيقي مقالي جي اشاعت لاءِ فقط پنج هزار روپيا في رکي اها به ليکڪ/محققن کي ڏيڻ ڏکي لڳي. مون ٻين سنڌي جرنلن جي ايڊيٽر کي به گذارش ڪئي ته اُهي به ساڳي في وٺن، ڇاڪاڻ ته ايتري رقم، ماهرن کان مقالن جي تورتڪ ڪرائڻ تي خرچ ٿئي ٿي، پر ٻين ايڊيٽرن سهڪار نه ڪيو. تنهن ڪري اسان به اها فيءَ وٺڻ بند ڪري ڇڏي، ۽ پويون شمارو آن لائين ئي رکيوسين.

ڪيترن عالمن، اديبن جا فون آيا ته ڪلاچيءَ کي شايع ڪرايو وڃي، سندن راءِ جو احترام ڪندي هن شماري کي شايع ڪرائي رهيا آهيون، ته جيئن ڪلاچي، عالمن، اديبن ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ لائبريرين تائين پهچي، ۽ پڙهندڙ ان مان لاڀ پرائي سگهن. هن شماري ۾ اٺ مقالا شامل آهن. اسان ترجيح شاهه لطيف جي شاعري، فن ۽ فڪر وارن مقالن کي ڏيندا آهيون، گڏوگڏ ٻين صنفن تي لکيل مقالا به شايع ڪندا

# فهرست

## ڀاڱو سنڌي

### (لطيفيات)


١. شاهه لطيف جي شاعري درد کان اُميد تائين — ڊاڪٽر احسان دانش — ٠٩

٢. شاهه لطيف ۽ شاهه حسين جي ڪلام ۾ موجود هڪجهڙايون: تنقيدي جائزو — ڊاڪٽر شفيق احمد شاهاڻي — ٢٥


### (ادب)


٣. بي. ايچ. ايلس واري الفابيٽ ڪاميٽيءَ جي وجود هجڻ وارو سوال؟ — مختيار احمد ملاح — ٣٧

٤. راشدي ڀائرن جون علم، ادب ۽ صحافتي ميدان ۾ ڪيل خدمتون — پروفيسر محمد سليم ميمڻ — ٦١

٥. لُغت نگاري ۽ اُن جي مختصر تاريخ — ڊاڪٽر بشير چانديو — ٧٧

٦. ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعريءَ ۾ تصوف جو فڪر (هڪ تنقيدي جائزو) — عبدالفتاح سپرو — ٩٣

٧. اياز جانيءَ جي شاعريءَ جو تنقيدي جائزو — ڊاڪٽر شير مهراڻي — ١٠٩

٨. ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جي ادبي خدمتن جو مختصر جائزو — ڊاڪٽر ذوالفقار جلباڻي — ١١٩

٩. شبنم گُل جي ڊرامن جو فني، فڪري، تنقيدي ۽ تحقيقي جائزو — ڊاڪٽر فريدا ڏاهري — ١٣١


## English Section


10. Male Character of Shah Bhitai: Umar Soomro — Dr. Khalil-ul-Rehman — 09

آهيون. هن شماري ۾ مختيار احمد ملاح صاحب جو هڪ اهم مقالو شايع ڪري رهيا آهيون. اها سندن تحقيق آهي، جيڪڏهن ڪنهن عالم ڪي سندس ان راءِ سان اتفاق نہ آهي، تہ اسان اُن جي جواب ۾ منطق ۽ دليلن سان موڪليل مقالي کي بہ شايع ڪندي، خوشي محسوس ڪنداسين.

هن پيري ماهرن ڪجھ مقالن کي رد ڪري ڇڏيو، جيڪي اشاعت جوڳا نہ هئا. انهن محققن کي ماهرن جي راءِ کان آگاهہ ڪيو ويو آهي، جيڪڏهن اُهي محقق مقالن ۾ گهربل واڌارا يا سڌارا ڪري موڪليندا، تہ انهن جي ٻيهر تورتڪ ڪري انهن کي شايع ڪيو ويندو.

اُميد تہ محققن جو ان ڏس ۾ سهڪار جاري رهندو.

۱۰ ڊسمبر ۲۰۲۲ع

**پروفيسر ڊاڪٽر ناهيد پروين**

ايڊيٽر